Islam Jaa Dinal Bunyadi Insani Haqqa Khutbah Hajjatul Widaa

Muhammad Usman Diplai

اسلام جا ڏنل بنيادي انساني حق
خطبه حجته الوداع

محمد عثمان ڏيپلائي

حج جي ڏينهن حضور ﷺ عرفات جي اوپر پاسي ”نمره“ نالي هڪ وسنديءَ ۾، جتي سندن مرضيءَ موجب اڳيئي هڪ خيمو نصب ٿيل هو، اتي آرام فرمايو. سج لهڻ کان پوءِ پاڻ پنهنجي اُٺ تي جنهن کي ”قصوي“ سڏيندا هئا. ان تي سوار ٿي ميدان عرفات جي وچ تي آيا ۽ سواريءَ جي حالت ۾ ئي بلند آواز ۾ خطبو ارشاد فرمايو، جنهن ۾ دين جي متعلق اهم ڳالهيون بڌائڻ فرمايائون. پاڻ سڳورا هر جملي کان پوءِ ڪجهه وقت ترسيا ٿي ۽ انهيءَ مهل ئي جناب ربيعه بن اميه (بن خلف) ساڳيا الفاظ ٻيهر ورجايا ٿي.

(1) الله تعاليٰ جي الوهيت، ذات، صفات ۽ اسماء جي وحدت ۽ ان جي ڪامل ۽ مطلق قدرت

پاڻ سڳورن الله تعاليٰ جي حمد ۽ ثنا ڪندي خطبي جي شروعات هن ريت فرمائي.

”لا الہ الا الله وحده لاشريک لہ، لہ الملک ولہ الحمد يحي ويميت و هو عليٰ ڪل شيءِ قدير. لا الہ اِلا الله وحده، انجر وعده و نصر عبده وهزم الا حزاب وحده“.

الله تعاليٰ جي ذات ڪانسواءِ ڪو ٻيو رب ناهي، ان جو ڪوبه شريڪ نه آهي ان جي ئي بادشاهي آهي ۽ سڀ ڪا تعريف ان ڪي ئي جڳائي. اهو جياري ٿو ۽ اهو ئي ماري ٿو ۽ ان ڪي ئي هر شيءِ تي قدرت حاصل آهي. الله تعاليٰ جي ذات ڪان سواءِ ڪو ٻيو رب نه آهي. هو يڪتا آهي. هن پنهنجو وعدو پورو ڪيو ۽ پنهنجي بندي (حضرت محمد صلى الله عليه وسلم) جي مدد فرمائي ۽ اڪيلي ان جي ذات ئي باطل جي سمورين قوتن ڪي شڪست ڏني.

(2) انساني وحدت _ برابري _ برادري ۽ آزادي

اي انسانو! جيڪي ڪجھ آءٌ چوان ان ڪي ڌيان سان ٻڌو، شايد ايندڙ سال يا ان ڪان پوءِ وري ڪڏهين به توهان سان هتي ملاقات نه ٿئي.

اي ماڻهوؤ! الله تعاليٰ جو ارشاد آهي ته:-

”اسان توهان سڀني کي هڪ ئي مرد ۽ عورت مان پيدا ڪيو آهي ۽ پوءِ توهان کي جماعتن ۽ قبيلن ۾ ورهائي ڇڏيو ته جيئن اوهان جي سڃاڻپ ٿي سگهي. اوهان مان الله وٽ وڌيڪ عزت ڪرامت وارو اُهو آهي جيڪو وڌيڪ متقي آهي.“ (يعني الله تعاليٰ جو وڌيڪ خوف رکندڙ ۽ وڌيڪ راست و راست ڪردار).

”اي انسانو! غور سان ٻڌو ته:

”توهان جو رب به هڪ آهي ۽ توهان جو ابو (پيءُ) پڻ هڪ آهي. ياد رکو ته نه ڪنهن عجميءَ کي ڪنهن عرب تي برتري حاصل آهي نه ڪنهن عرب کي عجميءَ تي. نڪو ڪارو اڇي کان افضل آهي نه ڪو اڇو ڪاري کان!“

(3) فضيلت جو معيار صرف تقويٰ آهي

ها! بيشڪ فضيلت ۽ بزرگي جو ڪو معيار آهي ته اُهو آهي تقويٰ (يعني خوف الاهي، راست بازي و راست ڪرداري) سمورا انسان آدم جو اولاد آهن ۽ آدم جي حقيقت ان کان وڌيڪ ڪهڙي آهي ته هو مٽيءَ مان پيدا (ٺاهيو) ڪيو ويو. هاڻ فضيلت و برتري جا سمورا دعويٰ، خون و مال جا سمورا مطالبا، سمورو انتقام

منهنجي قدمن هيٺان لتاڙيا ويا آهن. بس بيت الله جي توليت ۽ حاجين کي پاڻي پيارڻ واريون خدمتون باقي رهنديون.

(4) ابن ڏاڏن جي ڪارنامن تي فخر ڪنهن کي به ڪم نه ايندو

ان کان پوءِ پاڻ سڳورن ارشاد فرمايو ته:-

”اي قريش جا ماڻهوؤ!“

ائين نه ٿئي ته الله تعاليٰ جي اڳيان توهان اهڙيءَ ريت اچو جو توهان جي ڪنڌ تي ته دنياوي بار هجي ۽ آخرت جو سامان وري بيا ماڻهو کڻي اچن.

جيڪڏهين ائين ٿيو ته آءٌ الله تعاليٰ جي اڳيان اوهان جي ڪنهن به ڪم نه اچي سگهندس.

قريش جا رهواسيو!

الله تعاليٰ توهان جي ڪوڙي غرور کي ختم ڪري ڇڏيو. پنهنجن ابن ڏاڏن جي ڪارنامن تي فخر ڪرڻ ۽ اجايا داڙ هڻڻ جي ڪا به گنجائش ناهي.

(5) انساني جان مال ۽ عزت جي حفاظت

ماڻهوؤ! توهان جو خون، اموال ۽ عزت آبرو اهڙيءَ طرح باحرمت آهن، جهڙي طرح اڄوڪو ڏينهن ۽ هي مهينو (ذوالحج) توهان لاءِ باحرمت آهي.

(6) دور جهالت جا سمورا انتقام ختم

ماڻھوؤ! دور جهالت جي هر ڳالھ (خراب) آءٌ پنھنجن قدمن جي هيٺ پائمال ڪريان ٿو. جاهليت جي مقتولين جو قصاص وديت ٻئي ڪالعدم قرار ڏنا وڃن ٿا. سڀ کان اڳ پاڻ بنو هاشم ربيعه بن حارث بن عبدالمطلب جي فرزند جو بدلو ۽ ديت معاف ڪرڻ جو اعلان ڪريان ٿو.

(7) سمورا وياج ۽ ربا ختم

اڄ کان هر قسم جو وياج ختم ڪيو وڃي ٿو. راءس المال کان سواءِ نه توهان هڪ ٻئي تي ظلم ڪريو. نه ڪو قيامت جي ڏيهن اوهان سان ظلم ڪيو ويندو. الله تعاليٰ پاڻ وياج ڏيڻ ۽ وٺڻ کي ممنوع فرمايو آهي.

عباس بن عبدالمطلب جو جيترو وياج ٻين ڏي واجب الادا آهي، ان کي موقوف ڪجي ٿو. اڄ کان سندس وياج جي سلسلي ۾ ڪيل مطالبا ختم ڪجن ٿا.

(8) الله تعاليٰ هر ڪنھن جي اعمال جو محاسبو ڪندو.

۽ بيشڪ جلد ئي سڀ الله تعاليٰ جي روبرو ويندا ۽ اهو سڀني جي اعمال جو محاسبو ڪندو. مون (سندس) پيغام سڀن تائين پهچائي ڇڏيو آهي.

(9) خانه جنگي گمراهي آهي

ڏسو! مون کان پوءِ گمراه نه ٿجو، متان پاڻ ۾ ئي خون خرابو ڪرڻ شروع ڪريو!

(10) اسلامي پائيچارو

اي ماڻهوؤ! هر مسلمان ٻئي مسلمان جو ڀاءُ آهي. ۽ سڀ مسلمان پاڻ ۾ ڀائر آهن.

(11) ديانت

ڪنهن به شخص لاءِ پنهنجي ڀاءُ جي به ڪا شيءِ حلال ناهي، جيستائين هو پاڻ پنهنجي مرضيءَ سان ڏي. ان ڪري نڪي پاڻ تي ظلم ڪريو نڪي هڪ ٻئي تي!

عورت لاءِ اهو جائز ناهي ته پنهنجي مڙس جو مال ان جي اجازت کانسواءِ ڪنهن ٻئي کي ڏي.

(12) امانت جي واپسي

جيڪڏهن ڪنهن وٽ امانت رکجي ته هو ان ڳالهه جو پابند آهي ته امانت رکندڙ کي امانت واپس پهچائي.

(13) غلامن سان مساوي سلوڪ

پنهنجي غلامن جو خيال رکو. انهن سان سٺو سلوڪ ڪريو، انهن کي پڻ اهو ئي کارايو جيڪي پاڻ کائو ٿا، ۽ انهن کي به اهڙو ئي لباس پهرايو، جهڙو پاڻ پايو ٿا.

جيڪڏھن انھن ڪان ڪا غلطي ٿي وڃي ۽ اوھين معاف نه ڪري سگھو ته انھن خدا جي بندن کي وڪٽي ڇڏيو. ۽ مٿن سختي نه ڪريو.

(14) پنھنجي ڪئي جو ھر شخص پاڻ ذمه دار ٿيندو

ھاڻ مجرم پنھنجي جرم جو پاڻ ذمه دار ٿيندو. نڪو پيءُ جي بدران پٽ پڪڙيو ويندو ۽ نڪو پٽ جو بدلو پيءُ کان ورتو ويندو.

(15) الله تعاليٰ وارثن جو حق پاڻ مقرر ڪري ڇڏيو آھي

اي ماڻھوؤ! الله پاڪ ھر حقدار کي ان جو حق پاڻ ڏئي ڇڏيو آھي، ھاڻ ڪو به وارث جي حق لاءِ وصيت نه ڪري.

(16) قرض جي ادائگي ۽ تاوان

قرض قابل ادائگي آھي. ورتل شيءِ واپس ڪرڻ گھرجي. تحفي جو بدلو ڏيڻ گھرجي. جيڪڏھن ڪو ڪنھن جو ضامن ٿئي ته اھو تاوان ادا ڪري.

(17) حرام ڪاري جي سزا پٿر

بار ان ڏانھن ئي منسوب ڪيو ويندو جنھن جي بستري تي پيدا ٿيو ھجي. جنھن تي حرامڪاري ثابت ٿي وڃي ان

جي سزا پٽڙ آهي. حساب و ڪتاب الله تعاليٰ جي روبرو ٿيندو.

(18) نسب بدلائڻ واري تي الله جي لعنت

جيڪو پنهنجو نسب بدلائيندو ان تي الله جي لعنت آهي.

(19) عورتن جا حق

اوهان جي زالن جا اوهان تي ڪجهه حق آهن ۽ ساڳي طرح توهان جا حق عورتن تي آهن. مطلب هي ته هو اوهان سان وفاداري ڪن. ڪنهن به عورت کي اهو حق ناهي ته هوءَ ڪنهن غير مرد کي ويجهو ڪري. عورتن کي حياء اندر رهڻو آهي. جيڪڏهن انهن کان اهڙي طرح جو گناهه سرزد ٿي وڃي ته کين سندن مرد اهڙي جسماني سزا ڏيئي سگهن ٿا، جيڪا انتهائي حد کي نه اورانگهي. عورتن جو اوهان تي اهو حق آهي ته توهان انهن کي چڱي طرح کارايو، سٺو پهرايو. آءُ توهان کي هدايت ٿو ڪريان ته زالن سان بهتر سلوڪ ڪريو، ڇو ته اوهان جي نڪاح ۾ اچڻ کان پوءِ هو اوهان جون پابند ٿي وڃن ٿيون. انهن جي باري ۾ خدا جي خوف کان ڊچندا رهو، ڇو ته اوهان کين الله جي نالي تي حاصل ڪيو آهي ۽ ان

جي نالي تي هو اوهان لاءِ حلال ٿيون. (يعني ايجاب و قبول سان)

(20) اطاعت امير

اي ماڻهوؤ! توهان نڪ ڪٽيل غلام جي پڻ اطاعت ڪريو. جيڪڏهن ان کي توهان جو امير بڻايو ويو هجي. ۽ ان شرط سان ته هو الله جي ڪتاب مطابق فيصلا ڪري.

(21) قرآن شريف هميشه گمراهيءَ کان بچائيندو

اي ماڻهوؤ! منهنجي ڳالھ کي ڳنڍ ۾ ٻڌو! مون الله تعاليٰ جو پيغام اوهان تائين پهچائي ڇڏيو آهي. اوهان وٽ آءٌ اهڙي شيءِ ڇڏيو ٿو وڃان، جنهن تي جيڪڏهن اوهين قائم رهيا ۽ ان جي رهنمائي ۾ هليا ته ڪڏهن گمراھ نه ٿيندا. هي سرچشمه هدايت الله جو ڪتاب آهي ۽ ها! ڏسو - ديني معاملات ۾ بحث کان بچو، ڇو ته توهان کان اڳ ماڻهو انهن ئي ڳالهين جي ڪري ماريا ويا.

شيطان کي هاڻ ان ڳالھ جي ڪا به توقع ڪونهي ته هاڻ هن شهر ۾ سندس عبادت ڪئي ويندي. پر ان ڳالھ جو امڪان ته اهڙن معاملن ۾ جن کي اوهين گهٽ اهميت ڏيو

ٿا، سندس ڳالھ مڃي وڃي ۽ ھو ان ۾ ئي راضي رھي. ان ڪري اوھين شيطان کان پنھنجي دين ۽ ايمان کي بچائجو.

(22) آخري نبي ۽ آخري امت

ماڻھوؤ! مون کان پوءِ نڪو نبي ايندو ۽ نڪا جديد امت ٿيڻ واري آھي. چڱي طرح ٻڌو ۽ پنھنجي رب جي عبادت ڪريو.

(23) پنج ڪم جنت ۾ داخل ٿيڻ جي ضمانت آھن

1 - پنج وقت نماز ادا ڪريو

2 - رمضان جو سڄو مھينو روزا رکو

3 - پنھنجي مال جي زڪوات خوش دليءَ سان ڏيو.

4 - حج ڪريو!

5- پنھنجي اھل امر جي اطاعت ڪريو ته پنھنجي رب جي جنت ۾ داخل ٿي ويندا.

(24) تبليغ ھر مسلمان تي فرض آھي

ٻڌو! جيڪي ماڻھو ھتي موجود آھن انھن کي گھرجي ته ھي احڪام ۽ ھي ڳالھيون انھن کي ٻڌائين جيڪي ھتي ناھن. ٿي سگھي ٿو ته جيڪي غير موجود آھن انھن مان ڪي توھان کان وڌيڪ سمجھڻ ۽ محفوظ رکڻ وارا ھجن!

(25) حق رسالت جي ادائگي

ماڻھوؤ! قيامت جي ڏينھن توھان کان منھنجي باري ۾ سوال پڇيو ويندو. توھان تڏھن ڪھڙو جواب ڏيندا؟

ماڻھن جواب ڏنو ته:اسين ان ڳالھ جي شھادت ٿا ڏيون ته اوھان امانت (يعني الله جا حڪم) پھچايا ۽ رسالت جو حق ادا ڪيو. اسان کي کري ۽ کوٽي بابت ٺيڪ طرح ٻڌايو.

اھو ٻڌي حضور جن پنھنجي شھادت جي آڱر آسمان ڏي ڪري ٽي دفعا چيو:

يا الله گواھ رھج - يا الله گواھ رھج - يا الله گواھ رھج!